

# Open Letter to PPP

# آصف صاحب! تاريخ جو بال توهان جي ڪورٽ ۾ آهي!

جامي چانڊيو

**جناب آصف علي زرداري صاحب،**

**ڪو-چيئرمين، پاڪستان پيپلز پارٽي.**

اهو ڄاڻندي بہ تہ اڄ ڪلهہ توهان جون مصروفيتون تمام گهڻيون وڏيل آهن پر تنهن هوندي بہ مان توهان کي تڪليف ڏئي توهان جي ڌيان تي ڪجهہ بنيادي ڳالهيون آڻي رهيو آهيان. اُميد تہ اُهي اوهان جو ڌيان لهنديون، ٻيءَ صورت ۾ ظاهر آهي اهو تخاطب عوام سان بہ آهي.

ملڪ جون مجموعي سياسي حالتون اهڙيون آهن، جن ۾ تاريخ جي اتفاق ۽ حادثن توهان کي هڪ اهڙي حساس ۽ اهم منصب ۽ ذميواريءَ جي مسند تي ويهاريو آهي، جنهن ۾ توهان سان بنيادي معاملن تي سڌي تخاطب ۽ ڊائلاگ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.



هوندئن تہ توهان جي خاندان سان منهنجو اهڙو قرب وارو تعلق رهيو آهي جو اِهي سموريون ڳالهيون توهان سان روبرو بہ ڪري سگهجن ٿيون پر جيئن تہ گفتگو ۽ ڳالهيون سياسي ۽ عوامي نوعيت جون آهن، ان ڪري اهو ئي مناسب آهي تہ اُهي عوامي سطح تي رکجن ۽ بحث هيٺ آڻجن. ڇاڪاڻ تہ عوامي سياست ۾ ڳالهيون جيتريون عوام کان لڪل هونديون اوترو عوام دشمن انهن جو فائدو وٺندا ۽ پاليسي معاملا جيترا واضح، کليل ۽ عوام آڏو پڌرا هوندا اوترو اُهي عوام جي حق ۾ جُڙندا يا ٻيءَ صورت ۾ وائڪا ٿيندا.

جيتوڻيڪ اها هڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ملڪ ۾ هن وقت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت آهي ۽ ان ۾ بہ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ملڪ جي عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام سمورا رياستي ۽ سياسي توڙي سماجي دٻاءَ سهي ۽ پنهنجون سموريون توانايون استعمال ڪري نيٺ پ پ پ کي هڪ اڪثريتي پارٽيءَ طور چونڊيو. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ مرڪز ۽ ٻن صوبن ۾ پ پ پ جون حڪومتون قائم آهن. منهنجيءَ نظر ۾ پ پ پ کي اهڙي اڪثريتي مينڊيٽ ملڻ جا هيٺيان سبب آهن:

(1) پ پ پ کي ملڪ اندر ۽ خاص طور سنڌ ۾ اڪثريتي مينڊيٽ ملڻ جو پهريون بنيادي محرڪ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت هو. جيتوڻيڪ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي سياست، سوچ ۽ پاليسين توڙي حڪمت عملين سان ملڪ ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي بااُصول ماڻهن جا بنيادي اختلاف هئا، پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هوءَ هڪ نهايت اعليٰ پايي جي عوامي ۽ دانشور سياستدان هئي ۽ هن جي موجودگي عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام لاءِ وڏو سياسي، ذهني ۽ روحاني ڏَڍُ هو. محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت عوام ۽ خاص طور سنڌين کي بلڪل ويڳاڻو ڪري ڇڏيو پر اها وري بہ عوام جي سياسي سجاڳي ۽ سگهہ هئي جو انهن هن عظيم سانحي کي پختي شعور، سياسي مزاحمت توڙي مايوسيءَ بدران هڪ نئين اُتساهہ ۾ تبديل ڪري ڏيکاريو. 2008ع جي چونڊن جا نتيجا پرويز مشرف جي سمورين سازشن باوجود عوام جي ان رويي جو ئي مظهر هئا. ان ڪري هن ڀيري پ پ پ کي مليل مينڊيٽ رڳو ڪنهن ٺلهي شخصيت پرستيءَ يا روايتي ووٽ جو مظهر نہ هو ۽ نہ ئي اها ڪا گلن جي سيج آهي پر دراصل هيءُ مينڊيٽ پ پ پ لاءِ تاريخ جو ڳرو بار ۽ ڪنڊن جي سيج مثل آهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو هن مينڊيٽ جي نتيجي ۾ هڪ ذميوار، جرئتمند ۽ سگهاري عوامي حڪومت جي صورت ۾ پنهجي نجات ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو سياسي بدلو عملي طور ڏسڻ چاهين ٿا.

(2) هوندئن تہ ملڪ جي تاريخ ۾ هر آمر ملڪ، عوام، سياست ۽ جمهوريت کي تباهہ ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي، پر پرويز مشرف ان جا جيڪي نوان رڪارڊ قائم ڪيا اُهي

”بي مثال“ آهن. سنڌ جي حوالي سان ڏسجي تہ جيترو تعصب هن آمر سنڌي عوام ۽ ان جي قومي مفادن سان ڪيو ۽ عملي طور سنڌ ۽ سنڌين کي سنڌائتا ڪاپاري ڏک هنيا، ان جا بہ اهڙا مثال اڳ نٿا ملن. ان ڪري هن پيري چونڊن جي نتيجي ۾ دراصل پ پ پ سميت سمورين جمهوريت پسند پارٽين کي مشرف مخالف ووٽ مليو آهي، جو دراصل عوام مشرف جي عوام دشمن ۽ سنڌي دشمن راڄ کان نجات حاصل ڪرڻ ٿي گھُري.

(3) جيتوڻيڪ ملڪ ۾ ڪڏهن بہ حقيقي طور بااختيار جمهوريت نہ رهي آهي، پر هن پيري جيئن تہ سول- ملٽري تضاد تمام وڌيل هو ۽ اخلاقي توڙي سياسي طور مشرف ۽ اسٽيبلشمينٽ پنهنجو الهہ تلهہ وڃائي چڪا هئا، ان ڪري عوام جي خواهش اِها هئي تہ هن پيري اهو نبيرو حتمي طور ٿيڻ گھرجي ۽ دراصل چونڊن جا نتيجا عوام جي ان ئي خواهش جو مظهر هئا. عوام چاهيو ٿي تہ هن ڪرنڊڙ ديوار کي آخري ڌِڪو ڏجي ۽ پارليامينٽ، جمهوري نظام ۽ عوامي سياست کي اهڙو سگھارو ڪجي جو ملڪ ۾ طاقت جو توازن تبديل ٿئي ۽ گهٽ ۾ گهٽ جمهوري راڄ جا بنياد ئي پون تہ بہ اها هڪ وڏي ڳالهہ ۽ سوڀ آهي. عوام هيستائين ان خواهش ۽ خواب جي تعبير ان ڪري بہ نہ ڪري سگھيو آهي جو وڏيون سياسي پارٽيون هاڻي عوامي مزاحمت جي راهہ تان هٿ ڪڍي چڪيون آهن ۽ اهي عوام کي بنيادي جدوجهد جي ميدان تي لاهڻ لاءِ تيار نہ آهن، پر هن پيري چونڊن ۽ ووٽ کي عوام ان خواهش ۽ خواب جي تعبير جي پس منظر ۾ ئي استعمال ڪيو آهي.

(4) چوٿون ۽ آخري محرڪ اهو آهي جو عام ماڻهوءَ لاءِ ۽ خاص طور پورهيت عوام لاءِ جياپي جا سڀ گَس بند ٿيندا پيا وڃن. ماڻهو گهڻ طرفي ظلم جي مُنهن ۾ آهي. غربت، مهانگائي، بيروزگاري، معياري تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي اڻ هوند، لاقانونيت، وڏيرا شاهي، وحشت، بربريت، قتل و غارت ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ نڌڻڪائي- ان ڪري ماڻهو هن موجوده رياستي نظام مان مڪمل طور مايوس ۽ بدظن هجڻ باوجود اهو سمجهي چونڊن ۾ سرگرم ٿيا ۽ جمهوريت پسند ڌرين کي ووٽ ڏنو تہ جيئن من ڪو سندن زندگين ۾ چڱو ڦيرو اچي سگھي.

ان پس منظر ۾ عوام سمورين رڪاوٽن جا سڀ بَندَ ڀڃي پ پ پ کي ملڪ اندر ۽ خاص طور سنڌ ۾ اڪثريتي ووٽ ڏنو تہ جيئن ڀيو نہ تہ ڀلا سندن خوابن جي ساڀيان جو رڳو فضيلت ڀريو آغاز ٿي سگھي. پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سندس موجوده حڪومت ان ڏس ۾ تڏهن ئي ڪو اثرائتو ۽ اهم ڪردار ادا ڪري سگھي ٿي. جڏهن اُها هيٺين ڳالهين تي نہ رڳو واضح هجي پر ان ڏس ۾ ڪو سگھارو ڪردار بہ ادا ڪرڻ جو عملي ثبوت ڏئي. اهي بنيادي نقطا ڪجھہ هي آهن:



(1) پاڪستان بنيادي طور هڪ ڳيجهو رياست (Client State) آهي، جنهن کي پنهنجي قيام کان وٺي خودمختياري نصيب نہ ٿي. هاڻي تہ ملڪ جي سموري اچي ڪاري جي مالڪي عالمي طور آمريڪا وٽ آهي ۽ ملڪ اندر اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجابي- پناهگير حڪمران طبقي وٽ آهي. عالمي سامراجي مفادن ۽ سندن مقامي جوڙيوالن کي ڪنهن طور بہ اهو نٿو آئڙي تہ ملڪ ۾ عوامي راڄ هجي، جمهوريت مضبوط، سياسي پارٽيون سگھاريون، پارليامينٽ خود مختيار، عدليہ آزاد ۽ سول سوسائٽي سرگرم هجي. پاڪستان هن خطي ۾ عالمي سامراج جي هڪ جديد بيٺڪيت آهي ۽ اها حقيقت هاڻي عالم آشڪار آهي ۽ ملڪ جي ٻار ٻار کي ان جي سمجهہ ۽ خبر آهي پر ڏکوئيندڙ پاسو اهو آهي تہ ملڪ جون وڏيون سياسي پارٽيون ۽ خاص طور پ پ پ ان کي هاڻي عوام جو مقدر سمجهي قبول ڪيو ويٺيون آهن ۽ ڪوبہ اهڙو موقف اختيار ڪرڻ ۽ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جنهن سان مزاحمت تہ نهيو پر رڳو اهو تاثر بہ ملي تہ اهي پارٽيون سامراجي چوٽڪاري ۽ هن ملڪ جي خودمختياريءَ لاءِ سنجيده آهن. دراصل عوام جي بنيادي ۽ دائمي مفادن ۽ هن ملڪ تي قابض عالمي سامراجي مفادن وچ ۾ هڪ بنيادي ٽڪر آهي ۽ ان ۾ پس و پيش هڪ پاسي ٻيهڻ ڪانسواءِ اهڙين سياسي ڌرين وٽ ٻي ڪا واهہ نہ آهي، جيڪي عوامي هجڻ جون دعويدار آهن. پ پ پ جيئن تہ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عوامي سياسي ڌر آهي، ان ڪري ان لاءِ تہ اهو بلڪل ممڪن نہ آهي تہ اُها پس و پيش هن تضاد ۾ هڪ پاسي ٻيهي نہ سگھي يا ان کان اکيون ٻوٽي سگھي.

(2) ان ۾ تہ هاڻي ڪوبہ ابهام نہ آهي تہ اندروني طور ملڪ ملٽري- سول بيورو ڪريسيءَ ۽ پنجابي- پناهگير حڪمران طبقي جي بيٺڪيت بڻيل آهي ۽ هن ملڪ ۾ سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جي حيثيت غلامن واري آهي. ملڪ اندر طاقت جي توازن ۾ اسٽيبلشمينٽ ان ناجائز مفاد جي مُهندار آهي. جڏهن هڪ ملڪ مڪمل طور هڪ ڦورو طبقي ۽ مفاد وٽ يرغمال هجي ۽ عوام کي پنهنجن وسيلن، وطن ۽ خود مختياريءَ تي ڪوبہ اختيار نہ هجي تہ پوءِ محدود اختيارن واريون ڳيجهو حڪومتون عوام کي ڇا ڏئي سگھنديون؟ سياسي پارٽيون ۽ سياسي حڪومتون عوام جي خدمت تڏهن ئي ڪري سگھن ٿيون، جڏهن اُهي طاقت جي توازن ۾ تبديليءَ لاءِ سنجيده هجن ۽ ان لاءِ عوام جي طاقت تي ڀاڙين ۽ پاڻ بہ مهم جوئيءَ بجاءِ سمجهہ ڀري جرئت جو مظاهرو ڪن. ڏٺو اهو ويو آهي تہ جڻ ملڪ کي ان طبقي جي مڪمل طور قابض هجڻ واري اڻ وڻندڙ ۽ عوام دشمن ”حقيقت“ کي بہ وڏيون سياسي پارٽيون ۽ خاص طور پ پ پ عملي طور قبول ڪري چڪي آهي. مان نٿو چوان تہ ڪو پ پ پ ڪا انقلابي پارٽي آهي، جيڪا

استيبلشمينٽ خلاف بغاوت ڪري پر بغاوت ڪرڻ ۽ بلڪل اسٽيٽسڪو جي اندر رهڻ وچ ۾ بہ ڪو ڪردار آهي. جيڪو پ پ جهڙيون وڏيون سياسي پارٽيون ادا ڪري سگهن ٿيون ۽ ان ڪانسواءِ پوءِ چاهي اُهي حڪومت ۾ هجن يا ان کان ٻاهر، ڪو وڏو ڪردار ادا نہ ڪري سگهنديون.

(3) ملڪ جي ڪرپٽ ۽ عوام دشمن سياسي ۽ انتظامي نظام سبب رڳو مٿين سطح تي ئي نہ پر هيٺين سطح تي بہ عوام دشمن روايتي وڏيرن، پوءِ ڀاون مڊل ڪلاسي وڏيرن (جن کي نيو فيوڊل بہ چئي سگهجي ٿو)، فرعون صفت ڪامورن، سماجي ڏوهارين ـ مطلب تہ مختلف شڪلين ۾ اهڙن فردن، گروهن ۽ مفادن عوام جي زندگيءَ کي زهر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڏکوئيندڙ پاسو اهو آهي تہ جتي اهي مفاد ڪرپٽ رياستي سرشتي مان جيئدان وٺن ٿا، اُتي انهن کي وڏيون اقتداري سياست ڪندڙ ڌريون پڻ سگهارو ڪن ٿيون. هر پيري عوام انهن کي سياسي طور دفن ڪرڻ لاءِ بہ قدم اڳتي وڌي ٿو ۽ وڏيون سياسي پارٽيون انهن جا پناهہ گهر ثابت ٿين ٿيون. رڳو ويجهو ئي مثال وٺجي تہ 1988ع جون چونڊون هڪ خاموش انقلاب جو پيش خيمو هيون پر اهو پُرامن عوامي انقلاب ”سستي اگهہ“ تي ضايع ڪيو ويو ۽ عوام کي ڏِڪي ديوار سان لڳايو ويو. هنن تازين چونڊن ۾ وري عوام هڪ تبديليءَ لاءِ هڪ قدم اڳتي سُريو آهي ۽ ڏسجي تہ اها تبديلي جٽاءَ ڪري اڳتي ٿي وڃي يا وري وڏيرا ملڪ جا مالڪ ٿي ويندا؟

(4) سڀني کان اهم ڳالهہ تہ سياسي پارٽيون تڏهن ئي عوام جي حقيقي واهر ڪري سگهن ٿيون جڏهن اُهي اندروني طور سگهاريون هجن. جڏهن منجهن اندروني طور جمهوريت هجي، وٺن گڏيل فيصلي سازيءَ جو سگهارو ۽ شراڪتي سرشتو هجي، جڏهن ڪارڪنن ۽ عوام جي راءِ جو احترام ۽ انهن جو اثرائتو ڪردار هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پنهنجو ڪو واضح نظريو، پاليسيون ۽ عوام دوست حڪمت عمليون هجن. مون گذريل پنجن سالن کان پاڪستان جي چئني صوبن ۾ اين ڊي آءِ (NDI) جي پليٽ فارم تان پ پ سميت ملڪ جي لڳ ڀڳ سمورين وڏين سياسي پارٽين جي سوين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سياسي تربيت پئي ڏني آهي ۽ مون کي ذاتي طور تجربو آهي تہ ان حوالي سان پارٽين جي هيٺ سرزمين تي ڇا صورتحال آهي؟ يعني پارٽين ۾ اندروني طور طاقت جو توازن ڪيئن ۽ ڪنهن جي حق ۾ آهي؟

جناب آصف علي زرداري صاحب!

ان سموري پسمنظر ۾ ملڪي سياست جو پيش منظر هيءُ آهي تہ پ پ نہ رڳو ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي اهي پر اها حڪومت ۾ بہ هڪ وڏي ڌر آهي ۽ اهو بہ



تاريخ جو اتفاق آهي جو ان جي سرواڻيءَ جو منصب توهان جي هٿن ۾ آهي. مٿي بيان ڪيل سمورين تلخ حقيقتن باوجود اها بهرحال هڪ حقيقت آهي تہ هن وقت توهان هڪ اهڙي حساس ۽ اهم منصب تي آهيو، جتي جي چاهيو تہ تاريخي ڪردار ادا ڪري طاقت جي توازن کي عوام جي حق ۾ تبديل ڪرڻ جا بنياد وجهي سگهو ٿا ۽ جي چاهيو تہ عوام جي اُميدن تي ذاتي ۽ سياسي مصلحت پسنديءَ جو پاڻي ڦيري عوام جي جدوجهد، پورهيي ۽ قربانين جو الهہ تلهہ وڃائي سگهو ٿا. هن وقت نظر اهو پيو اچي تہ پارٽيءَ اندر توهان سان ڪوبہ ”ڪڙڪي“ سان ڳالهائڻ وارو اڳواڻ موجود نہ آهي. چونڊن ڪانپوءِ عوام جي هونئن ئي ٻُڌي نہ ويندي آهي ۽ اُهو زمانو بہ هليو ويو جڏهن پارٽيءَ اندر ذوالفقار قادري ۽ مولا بخش چانڊيي جهڙن نظرياتي يا دورانديش سياسي ڪارڪنن جي راءِ جي وڏي اهميت هوندي هئي. اها ڳالهہ ڪنهن کي وڻي يا نہ پر اها حقيقت آهي تہ في الوقت ملڪ جي وڏي ۾ وڏي ۽ اقتدار جي وڏي ڀاڱيوار پارٽي مڪمل طور توهان جي هَٿَ وَس آهي ۽ اتفاق سان ملڪ جون معروضي حالتون بہ اهڙيون آهن، جنهن ۾ في الحال حساس ۽ اهم ترين حيثيت پارٽيءَ جي ڪري توهان جي آهي. چاهيو تہ حڪمران طبقي ۽ استيبلشمينٽ جي راند ڦٽايو ۽ جي چاهيو تہ عوام جي مفادن جي راند ڦٽايو. مطلب تہ ٻنهيءَ مان هڪ راند ڦٽائڻ جي حيثيت ۽ پوزيشن ۾ توهان في الوقت ضرور آهيو. چاهيو تہ تاريخ جو اهو مليل اهم ترين موقعو توهان پنهنجي مڪمل Capacity ۾ عوام جي حق ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ جي چاهيو تہ ذاتي ۽ سياسي مصلحت خاطر اهو موقعو حڪمران طبقي ۽ اسٽيٽسڪو جي حق ۾ بہ استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ جي چاهيو تہ رڳو اجايو ۽ غير ضروري طور شيون اينگهائي ۽ رڳو فوٽو سيشن ۾ وقت وڃائي اهو تاريخي موقعو ضايع بہ ڪري سگهو ٿا، جنهن مان نہ دشمن کي پؤ هجي ۽ نہ سڄڻ کي آسرو.

اسان کي اندازو آهي تہ توهان جنهن منصب تي آهيو اُتي اوهان تي نظر ايندڙ ۽ نظر نہ ايندڙ ڪيترا دٻاءَ هوندا ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ ڪو توهان ڪاسترو يا احمدي نجاد ناهيو جو وڏا رسڪ کڻي سڌي ليڪ ڪڍي بيهي رهو پر ان باوجود بہ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ تي سگهي ٿو ۽ ڪري سگهجي ٿو. رڳو سوال اهو آهي تہ ان لاءِ اسان جو Vision ڪهڙو آهي، اسان کي تبديليءَ جي سياسي وِل (Will) ڪيتري آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اسان جا اصل مفاد ۽ محرڪ ڪهڙا آهن.

جيئوٽيڪ اجا ايترو وقت نہ گذريو آهي جو توهان جي نئين سياسي ڪردار بابت ڪا حتمي راءِ ڏئي سگهجي پر ان باوجود توهان جي ڪجهہ روين بنيادي خدشن کي جنم

ضرور ڏنو آهي، جن کي بہ رڳو توهان ئي پنهنجي زبان يا ڪردار ۾ نتيجن سان واضح ڪري سگهو ٿا. انهن مان ڪجهہ اهم هي آهن:

(1) محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ پارٽيءَ وٽ اهڙو ڪوبہ اڳواڻ موجود نہ آهي جيڪو اڪيلي سر هن جو خال پري سگهي ۽ پارٽي، سياست ۽ هاڻي تہ حڪومت جو وهنوار هلائي سگهي. عام تاثر ۽ خواهش هئي تہ هاڻي پ پ ان جو حل گڏيل ليڊرشپ جي صورت ۾ ڪڍندي ۽ اوهان لاءِ اهو تاثر جڙيو تہ اوهان ئي سڀني کي گڏ ڪٺي اڳتي هلي سگهو ٿا. هيستائين نظر اهو پيو اچي تہ توهان اڪيلي سر ئي سڀ معاملا هلائڻ چاهيو ٿا. اڄ پارٽيءَ اندر بنيادي ۽ حساس معاملن تي ڪو کليل ڊسڪورس نظر نٿو اچي ۽ عوام تہ ڇا پر پارٽيءَ اندر بہ هر ماڻهو اهم پاليسي معاملن تي غير يقينيت جو شڪار آهي. ڪنهن کي خبر ناهي تہ توهان جي من ۾ ڇا آهي؟ ممڪن آهي تہ توهان جون نيتون غلط نہ هجن پر ڪڏهن ڪڏهن غلط طريقہ ڪار بہ وڏا نقصان ڏيندا آهن. پ پ پ ۾ توهان سميت ڪوبہ اهڙو ماڻهو يا اڳواڻ موجود نہ آهي، جيڪو هن هيڏي وڏي بحران ۾ اڪيلي سر ڪو وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي. اڪيلي سر شيون ڦٽائي تہ سگهجن ٿيون پر ٺاهي نٿيون سگهجن. ماڻهن جي ذهنن ۾ اهي سوال گردش ۾ آهن تہ اڄ پارٽيءَ ۾ رحمان ملڪ جهڙا ماڻهو ايترا اهم ڇو آهن ۽ جن ڪارڪنن يا اڳواڻن پنهنجون عمريون پارٽيءَ کي ڏنيون آهن ـ اُهي ڇو اڄ ايترا غير اهم بڻيل آهن؟ ماڻهن جي ذهن ۾ سوال آهن تہ توهان سان اختلاف رکندڙ ڪارڪن يا اڳواڻ پارٽيءَ اندر سياسي ۽ تنظيمي طور ايترا غير محفوظ ۽ پاسيرا ڇو آهن؟

(2) جيتوڻيڪ پرويز مشرف چونڊن کان اڳ بہ سخت ڪمزور ٿي چڪو هو پر چونڊن جي نتيجن تہ پرويز مشرف کي بنهہ ڪمزور بڻائي ڇڏيو. عوام بہ چاهيو ٿي تہ اهو هاڻي وڃي ۽ ملڪ جي اڪثريتي سياسي پارٽين (سواءِ مسلم ليگ (ق) ۽ متحده جي) بہ ساڳيو مطالبو ٿي ڪيو پر اهو صاف نظر پيو اچي تہ پ پ پ مشرف کي اندروني طور نہ رڳو بچائي رهي آهي پر ان جي اڻ اعلانيہ مدد پڻ ڪري رهي آهي ۽ جيئن تہ پارٽيءَ جي سمورن فيصلن ڪرڻ جا مجاز توهان آهيو تہ پوءِ ظاهر آهي تہ ان جو الزام بہ توهان تي ايندو. جيتوڻيڪ توهان بظاهر ان خلاف ڪڏهن ڪڏهن سخت لهجي ۾ ڳالهايو بہ ٿا پر ان جو ڪوبہ گهربل نتيجو سامهون نٿو اچي، جنهن جي نتيجي ۾ شڪ اُڀرڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي ۽ توهان ان جي ڪابہ وضاحت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو.

(3) ججن جي بحاليءَ جو اشو هاڻي موجوده حالتن ۾ ملڪ جو اهم ترين اشو آهي ۽ ان اِشوءَ تي غير ضروري اينگهہ پڻ ڪيترن سوالن کي جنم ڏنو آهي ۽ ان جو سمورو



ذميواريءَ جو بار پ پ پ ۽ توهان تي اچي رهيو آهي. اهو بحران هاڻي اتي پهتو آهي جو توهان جي وڏي اتحادي ڌر مسلم ليگ (ن) حڪومت کان ڌار ٿي بيٺي آهي ۽ توهان طرفان ان ڏس ۾ مونجهارو گهٽجڻ بجاءِ اڃا وڌي رهيو آهي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ پوئين ميارَ کان پهرين ميار چڱي هوندي آهي پر توهان ٻئي ميارون نہ کٽڻ جي چڪر ۾ ان اشوءَ جي حوالي سان ڪٿي بہ بيٺل نہ آهيو. ماڻهن جو ميثاقِ جمهوريت ۽ مري پڌرنامي تان پڻ ويساهہ کڄي رهيو آهي ۽ ان جي ذميواري توهان تي اچي رهي آهي. ماڻهو آئيني پيڪيج بابت بہ هاڻي غير يقينيءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن، خاص طور جڏهن ان ۾ 3 نومبر جي قدمن کي آئيني حيثيت ڏيڻ جي تجويز پڻ شامل ڪئي وئي آهي.

(4) سنڌ ۾ اڪثريتي مينديٽ باوجود متحده کي غير ضروري طور سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪرڻ ۽ نائن زيرو يا ”شهيدن جي قبرستان“ وڃڻ جو عوام ۾ خاص طور سنڌي عوام تمام سخت نوٽيس ورتو آهي. عوام جي چونديل وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽيءَ جي اڳواڻ کي نائن زيرو تي وڃي الطاف حسين جا نعرا هڻڻ وقت سئو ڀيرا ان جي پس منظر، پيش منظر ۽ نتيجن تي سوچڻ گهرجي ها، ٻيو نہ تہ انهن سوين ۽ هزارين پ پ پ جي ڪارڪنن بابت ئي سوچڻ گهرجي ها جن کي گذريل پنجويهن سالن کان دهشتگردن ڪراچيءَ ۾ ڳولي ڳولي پئي ماريو آهي. خبر ناهي توهان کي ان ڳالهہ جو ڪيترو احساس ۽ ادراڪ آهي تہ ان هڪ واقعي توهان جي سياسي ساک کي ناقابلِ تلافي نقصان رسايو آهي.

جناب آصف علي زرداري صاحب!

سياست ڏاڍي بي رحم شيءِ آهي. هي اهو شعبو آهي، جتي ماڻهو پنهنجا سالن جا ميرا هڪ لمحي ۾ ڌوئي صاف ڪندو آهي ۽ سڄيءَ عمر جي ڪمائي هڪ ڏَڪَ ۾ وڃائي ويهندو آهي. توهان کي بہ تاريخ اتفاق سان هڪ زبردست موقعو ڏنو آهي. چاهيو تہ هڪ نئين روشن دؤر جا بنياد وجهي جمهوريت جي راهہ جي هزارين شهيدن جو خون سجايو ڪري سگهو ٿا ۽ جي چاهيو تہ ان جي اُبتڙ ڪا ”بي“ تاريخ بہ رقم ڪري سگهو ٿا. هاڻي بال توهان جي ڪورٽ ۾ آهي. ڪوبہ ماڻهو هميشہ ساڳي حيثيت ۾ نٿو رهي، پر سوال اهو آهي تہ ماڻهو سڀ ڪجهہ وڃائي پوءِ ٿو وڃي يا ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ڪري ٿو وڃي. اهو ايندڙ وقت ٻُڌائيندو تہ توهان پنهنجيءَ دل ۾ ڪهڙي رستي جي چونڊ ڪئي هئي! ياد رکو تہ عيسو، موسو ۽ خميسو پل پل جو حساب پنهنجيءَ دل ۾ سانديو رهيو آهي ۽ هر شيءِ اڇٽي وڃٽي آهي، پر خدا جي خلق يعني عيسو، موسو ۽ خميسو هميشہ رهڻو آهي ۽ پس و پيش اهو ئي طاقت جو حقيقي سرچشمو آهي ۽ جمهوري سياست ان سان ئي وفاداريءَ جو ٻيو نالو آهي.